16 January

اجتماعِ شَبِ معراج جو بيان

# سفرِ معراج
# جا واقعا



اجتماع شَبِ معراج جو بيان 16 جنوري 2026ع
(بمطابق: 27 رجب شريف 1447ھ)(جمعي ۽ ڇنڇر جي وچ واري رات)

# سفرِ معراج جا واقعا

ھن بيان ۾ توھان ڄاڻي سگھندؤ...

- معراج جي سفر جي ھڪ حڪمت
- حبيب ۽ خليل جو فرق
- ننڍڙو پٽ ۽ وڏو ڏاند
- عرش جي نُورَ ۾ ويڙھيل شخص

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ ط وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:

كُلُّ كَلَامٍ لَا يُذْكَرُ اللّٰهُ تَعَالٰى فِيْهِ فَيُبْدَاُ بِهٖ وَبِالصَّلَاةِ عَلَيَّ فَهُوَ مَمْحُوْقٌ مِنْ كُلِّ بَرَكَةٍ

**ترجمو:** هر اُها ڳالهه جيڪا الله پاڪ جي ذڪر ڪرڻ ۽ مون تي درود پاڪ پڙهڻ کان سواءِ شروع ڪئي وئي، اُها هر برڪت کان محروم ۽ خالي آهي.(1)

نبی کی شان میں ہو جس قدر درود پڑھو | محبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر، درود پڑھو
خدا تو بھیجے ہے صَلُّوا وَ سَلِّمُوا کا خطاب | تم ایسے بیٹھے ہو کیوں بے خبر، درود پڑھو
جو اپنے کاموں کا انجام نیک چاہتے ہو | ہر ایک کام میں تم پیشتر، درود پڑھو
نبی کے صدقے تمھاری مُراد ہو حاصِل | دُعا کے اوّل و آخر اگر درود پڑھو
ہزار درد کو یہ اِک دوا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خطر، درود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 ... القول البديع، صفحہ:244۔

2 ... نورِ ایمان، صفحہ:56 – 57ملتقطاً۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ **رجب شريف** جي 27 ستاويهين رات آهي، هيءَ اُها ئي مبارڪ رات (*Holy night*) آهي۞ جنهن رات جنت سجائي وئي ۞ عرش تي ڌوم مَتِي۞ زمين تي نُورَ وَسيا ۞ اڄوڪي رات ئي حُورون، غِلْمان ۽ ملائڪ منهنجي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي استقبال جي لاءِ صَفون ٻڌي بيٺا ۞ الله پاڪ پنهنجي پياري حبيب، مِعراج جي گهوٽ، اِمامُ الانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عرش ۽ ڪرسي جو سير ڪرايو، جنت ڏيکاري ۽ مَاشَآءَ الله! سدره ۽ لامڪان، پوءِ ان کان بہ اڳتي قربِ خاص ۾ گهرائي، پاڻ سان هم ڪلامي جو شَرف عطا فرمايو ۽ سُبْحٰنَ الله! مَحبُوبِ مصطفيٰ، سردارِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عَين بيداري جي حالت ۾، جاڳندڙ اکين سان پنهنجو ديدار بہ ڪرائي ڇڏيو.

ہیں صَف آراء سب حُور و ملک اور غِلماں خُلد سجاتے ہیں
اِک دُھوم ہے عرشِ اعظم پر مہمان خدا کے آتے ہیں
ہے آج فلک روشن روشن، ہیں تارے بھی جگمگ جگمگ
محبوب خُدا کے آتے ہیں، محبوب خُدا کے آتے ہیں

1... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

ہے خُلد کا جوڑا زیبِ بدن، رَحمت کا سجا سہرا سَر پر
کیا خوب سُہانا ہے منظر، معراج کو دولہا جاتے ہیں(1)

## دنيا جو سڀ کان ڊگھو...! پر مختصر ترين سفر

پيارا اسلامي ڀائرو! منھنجي ۽ توھان جي پياري پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ، معراج جي گھوٽ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو معراج وارو سفر دنيا جو سڀ کان ڊگھو (*longest*) ۽ انتهائي ننڍو (*Very short*) سفر آھي- ھي مبارڪ سفر ايترو تہ ڊگھو آھي جو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ۞ مکي معظمہ کان ھليا ۞ مسجدِ اقصيٰ تشريف فرما ٿيا ۞ پوءِ اتان پھرين آسمان تي۞ پوءِ ٻئي ۞ ٽئين ۞ چوٿين ۞ پنجين ۞ ڇھين ۞ ۽ ستين آسمان تي پھتا ۞ اتان کان سِدْرَۃُ الْمُنْتَھٰی تي تشريف وٺي آيا ۞ پوءِ ان کان اڳتي مقامِ مُستوىٰ۞ پوءِ عرشِ عُليٰ ۞ پوءِ ان کان بہ اڳتي لامکان ڏانھن تشريف وٺي ويا. ھي لکين ڪلوميٽرن جو سفر آھي ۽ آسمانن جو جيڪو سفر آھي، سائنس ۾ ان جي ماپ روشني جي رفتار (*Speed of light*) سان ڪئي ويندي آھي. سائنسي تحقيق موجب ھن وقت تائين ڪائنات ۾ سڀ کان تيز رفتار شيءِ **روشني** آھي- روشني ھڪ سيڪنڊ ۾ **3 لک ڪلوميٽرن** جو فاصلو طئي ڪندي آھي ۽ سج جي روشنيءَ کي زمين تائين پھچڻ ۾ **8.3 منٽ** لڳندا آھن، يعني سج کان زمين تائين **14 ڪروڙ 94 لک ڪلوميٽرن** جو فاصلو آھي ۽ سج ھن وقت پھرين آسمان کان بہ ھيٺ آھي، سيدي اعليٰ حضرت رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ۞ زمين کان سِدْرَۃُ الْمُنْتَھٰی جو فاصلو **50 ھزار** سالن جو رستو آھي۞ ان کان اڳتي مُسْتَوىٰ ۞ ان کان اڳتي جو اللّٰہ پاڪ ئي ڄاڻي ۞ ان کان اڳتي عرش جا **70 حجاب** آھن۞ ھر حجاب کان ٻئي حجاب تائين **500 سالن** جو فاصلو

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:286-287 ملتقطاً۔

آهي.(1) هي ڪُل ملائي **35 هزار سالن** جو فاصلو ٿيو، **35 هزار سالن** جو اِهو رستو، **50 هزار سالن** جو رستو زمين ڪان سِدْرَةُ المنتهیٰ تائين، **35 ۽ 50 = 85 هزار سالن** جو فاصلو ٿيو ۽ سِدْرَةُ الْمُنْتَهیٰ ڪان عرش جي حجابن تائين ڪيترو فاصلو آهي، اهو ڪير بہ نہ ٿو ڄاڻي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم عرش ڪان اڳتي، ڪيستائين تشريف وٺي ويا، ان ڪان بہ ڪير واقف نہ آهي، مطلب تہ معراج جا گهوٽ، سرورِ انبياء صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ايترا هزارين لکين سال پري ويا بہ، واپس بہ موٽي آيا. مطلب تہ اِها هن سفر جي ڏيگهہ آهي جو ايڏو وڏو ڏگهو سفر جيڪو ڪيترن ئي ڪروڙين ڪلوميٽرن تي مشتمل آهي- وري ان سان گڏ انتهائي حيرت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هِي دنيا جو سڀ ڪان ڏگهو سفر انتهائي مختصر بہ هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم لامڪان ۾ تشريف وٺي ويا ۽ واپس بہ موٽي آيا ۽ وقت ڪيترو گذريو هو؟ **صرف چند سيڪنڊ** (*Second*)، **بسترو مبارڪ اڃان گرم هو، دروازي جو ڪَڙو اڃان لُڏِي رهيو هو.**

تفصیل سے کی سیر مگر اِس پہ یہ طُرّہ | اِک پل میں یہ طے ہو گیا رستہ شبِ مِعْرَاج
زنجیر درِ پاک کی ہلتی ہوئی پائی | اور گرم تھا وہ بستر اعلیٰ شبِ مِعْرَاج (2)

هڪ شاعر هتي تمام سٺي ڳالهہ چئي آهي، لکيو اٿائين تہ:

رُک گئی ہے آج نبضِ جہاں | اُن کی ہستی نکل گئی ہو گی

**وضاحت:** اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان جا آقا ۽ موليٰ، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪائنات جو روح آهن، روح نڪري وڃي تہ جسم رڪجي ويندو آهي، اهڙي طرح جڏهن روحِ ڪائنات، فَخرِ مَوجُودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هن ڪائنات مان نڪري لامڪان ڏانهن تشريف وٺي ويا تہ ڪائنات رڪجي وئي، هر شيءِ تي سڪتو طاري ٿي ويو، پوءِ جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم واپس تشريف ڪٺي آيا

[1]... ملفوظات اعلی حضرت، صفحہ:439۔

[2]... قبالۂ بخشش، صفحہ:126۔

تہ ڪائنات ٻيھر زندھ ٿي وئي ۽ ھر شيءِ ٻيھر حرڪت ڪرڻ لڳي.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا، وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو
جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# آيتِ معراج جي وضاحت

سيپارو: **15**، سورت بني اسرائيل، آيت: **1** ۾ الله پاڪ فرمايو آھي:

سُبْحٰنَ الَّذِیْۤ اَسْرٰى بِعَبْدِهٖ لَیْلًا مِّنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ اِلَى الْمَسْجِدِ الْاَقْصَا الَّذِیْ بٰرَكْنَا حَوْلَهٗ لِنُرِیَهٗ مِنْ اٰیٰتِنَاؕ
(پارو:**15**، سورة بني اسرائيل: **1**)

ترجمو ڪنزالعرفان: پاڪ آھي اھا ذات جنھن پنھنجي خاص ٻانھي کي رات جي ڪجھ حصي ۾ مسجد حرام کان مسجد اقصيٰ تائين سير ڪرايو جنھن جي چوڌاري اسان برڪتون رکيون آھن جيئن اسان ان کي پنھنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون.

معراج جي سفر جا **3** حصا (*parts*) آھن: **(1):** فرشِي معراج جيڪو مڪي معظمہ کان مسجدِ اقصيٰ تائين آھي، اُن کي **اِسراء** چيو ويندو آھي **(2):** آسماني مِعراج جيڪو مسجدِ اقصيٰ کان سِدْرَۃُ الْمُنْتَھٰى تائين آھي، ان کي **معراج** چيو ويندو آھي **(3):** ان کان پوءِ آھي لامڪاني مِعراج جيڪو سِدْرہ کان اڳتي لا مڪان تائين آھي، اُن کي **عُرُوج** چيو ويندو آھي- سيپارو: **15**، سورت بني اسرائيل جي ھيءَ آيتِ ڪريمہ جيڪا اسان ھاڻي ٻڌي، ھن مختصر آيت ۾ معراج جي سفر جي انھن ٽنھي حصن جو ذڪر آھي.

مشھور مُفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُاللہِ عَلَيْہ ھن آيت جي شرح

1... حدائقِ بخشش، صفحہ:178-

۾ فرمائن ٿا تہ: هن آيت ۾ بٰرَكْنَا حَوْلَه تائين فرشي مِعراج يعني بيت المقدس تائين جو ذڪر آهي ۽

| | |
|---|---|
| لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ؕ (پارو:15، سورة بني اسرائيل: 1) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيئن اسان ان کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون. |

۾ آسماني معراج جو ذڪر آهي (تہ اسان پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي معراج ڪرايو تہ جيئن انهن کي زمين ۽ آسمان وغيره ۾ پنهنجون نشانيون ڏيکاري ڇڏيون) ۽ آيت جي هن حصي:

| | |
|---|---|
| اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ۝۱ (پارو:15، سورة بني اسرائيل: 1) | ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ اُهوئي ٻڌڻ وارو ڏسڻ وارو آهي. |

۾ لامڪاني معراج جو ذڪر آهي، هن جملي جو مطلب هي آهي تہ بيشڪ اُهي محبوب ٻانها (يعني رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) ئي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارا آهن، يعني قدرت جي انهن نشانين کي ڏسڻ ۽ الله پاڪ جي ديدار جو تاب برداشت ڪرڻ جي طاقت صرف انهن ۾ ئي آهي، تنهنڪري معراج انهن ئي کي ڪرايو ويو. (1)

## معراج جي سفر جي هڪ حڪمت

الله پاڪ، محبوبِ ربِ اڪبر، شاهِ خشڪ و تر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي سفرِ مِعراج جي هڪ حڪمت بيان ڪندي فرمايو:

| | |
|---|---|
| لِنُرِيَهٗ مِنْ اٰيٰتِنَا ؕ (پارو:15، سورة بني اسرائيل: 1) | ترجمو ڪنزالعرفان: جيئن اسان ان کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون. |

يعني الله ڪريم پنهنجي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي معراج ان ڪري ڪرايو تہ جيئن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجيون نشانيون ۽ قدرت جا عجائبات ڏيکاريا وڃن.

---

[1] ... نور العرفان، پاره :15،سورۂ بنی اسرائيل ،زيرآيت :1،صفحہ:339بتغير قليل ۔

# مالِڪ ڪي سندس ملڪيت ڏيکاري وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم ڪي هي نشانيون (مثلاً جنت ۽ دوزخ، عرش ۽ ڪرسي، لوح ۽ قلم وغيره) ڇو ڏيکاريون ويون؟ هن سلسلي ۾ مشهور مُفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُاللهِ عَلَيْه وڏو ايمان افروز مدني گل ڏنو آهي، فرمائن ٿا: عرش، فرش ۽ سڄي ڪائنات حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪئي وئي آهي، تنهنڪري جنت جي دروازن، پن پن ۽ ٿاريءَ ٿاريءَ تي لکيل آهي: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه يعني هي سموريون شيون قدرت جي ڪارخاني جون ٺهيل آهن ۽ مُحَمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ملڪيت آهن- تنهنڪري الله پاڪ کي منظور ٿيو ته مالڪ کي ان جي ملڪيت (*Ownership*) ڏيکاري وڃي، تنهنڪري رَب ڪريم محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي مِعراج تي گهرايو ۽ کين سڀ ڪجهه ڏيکاري ڇڏيو.[1]

| | |
|---|---|
| کونین بنائے گئے سرکار کی خاطِر | کونین کی خاطِر تمہیں سرکار بنایا |
| کُنجی تمہیں دِی اپنے خزانوں کی خُدا نے | محبوب کِیا، مالِک و مختار بنایا[2] |

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# حبيب ۽ خليل جو فرق

اي عاشقانِ رسول! هتي حبيب ۽ خليل جو فرق به ملاحظ فرمايو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا خليل آهن، تمام وڏي رتبي وارا نبي آهن، اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ نبين ۽ رسولن ۾ سڀني کان مٿانهون درجو انهن جو ئي آهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي به مِعراج نصيب ٿيو، انهن کي زمين ۽ آسمان جي بادشاهي ڏيکاري وئي، پاڻ پٿر جي هڪ ٽڪريءَ (*rock*) تي بيٺا هئا ته کين حڪم ٿيو: ابراهيم! هيٺ ڏسو! جڏهن

1... شانِ حبيب الرحمٰن من آيات القرآن ،صفحه:107 بتغيرِ قليل-

2... ذوقِ نعت، صفحه:47-48-

هيٺ ڏنائون تہ ست ئي زمينون ۽ انهن ۾ موجود قدرت جون نشانيون کين نظر اچي ويون، پوءِ ٻيهر حڪم ٿيو: مٿي ڏسو! پاڻ مٿي ڏنائون تہ ست ئي آسمان ڏسي ورتائون. (1) الله پاڪ فرمائي ٿو:

| ترجموڪنزالعرفان: ۽ اهڙي طرح اسان ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي عظيم بادشاهي ڏيکاريون ٿا. | وَ كَذٰلِكَ نُرِيْۤ اِبْرٰهِيْمَ مَلَكُوْتَ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ (پارو:7، سورة انعام: 75) |
|---|---|

اِهو حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو مِعراج هو پر حبيب ۽ خليل جو فرق ڏسو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي آسمان ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکارڻ منظور ٿي تہ هڪ پٿر تي بيهاري ڏيکاري وئي پر جڏهن پنهنجي حبيب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) جو وارو آيو تہ ۞ جنت سينگاري ويئي ۞ آسمان ۽ زمين ۾ خوشيون ملهايون ويون ۞ حضرت جبرائيلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام ملائڪن جي ڄڄ ساڻ ڪري، جنتي سواري بُراق (*Buraq*) سان گڏ حاضر ٿيا ۞ ۽ الله پاڪ پنهنجي محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي آسمانن تي بلڪ ستن آسمانن کان بہ مٿي گهرايو ۽ پنهنجي قدرت جون عظيم نشانيون ڏيکاريون، اِهو آهي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو شان...!!-

قرباں میں شان و عظمت پر، سوئے ہیں چین سے بستر پر
جبریلِ امیں حاضِر ہو کر معراج کا مژدہ سُناتے ہیں
اللہ کی رحمت سے سَرور جا پہنچے دنیٰ کی منزل پر
اللہ کا جلوہ بھی دیکھا، دِیدار کی لذّت پاتے ہیں (2)

## حرفِ با جي هڪ معنيٰ

علماءِ ڪرام تمام پياري ڳالهہ لکن ٿا: الله ڪريم فرمايو:

---

1 ... تفسيرِ صراط الجنان،پاره:7 ،سورۂ انعام،زيرِ آيت:75 ،جلد:3 ،صفحه:141-142 بتغيرقليل۔

2 ... وسائلِ بخشش،صفحه:286۔

اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ (پارو:15، سورة بني اسرائيل: 1)

ترجموڪنزالعرفان: پنهنجي خاص ٻانهي کي سير ڪرايو.

هن جاءِ تي لفظِ **عبد** کان پهريان با زير **بِ** آهي، هتي هن با جو مطلب آهي: **مُصَاحَبَت** (يعني رفيق يا ساٿي هجڻ) يعني ۞ هن مبارڪ سفر ۾ الله پاڪ جون خاص عنايتون، مدد ۽ نصرت ۽ لطف ۽ ڪرم معراج جي گهوٽ، سَيد الانبِياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ رهيو ۞ الله پاڪ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي مسجد حرام کان وٺي ويو ۞ پوءِ سيني مقامات جو سير ڪرائي ۞ قدرت جا عجائبات ۽ نشانيون ڏيکاري ۞ مقامِ دَنيٰ تي فائز ڪري ۞ مَحبوب سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون ڪري ۞ اَوَّلين ۽ آخِرين (يعني سيني اڳين ۽ پوين) جو علم عطا ڪري ۞ حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي سلام، رحمت ۽ برڪت جي تحفي سان ۽ امتين جي لاءِ **5** نمازون عطا ڪري خير ۽ خوبي سان واپس مڪي معظم تائين پهچائي ڇڏيو.(1) هن سڄي سفر ۾ پاڻ سڳورا اڪيلا نه هئا، الله پاڪ جون خاص عنايتون هر گهڙي گڏ هيون.

معراج ہوئی تا عرش گئے حق تم سے مِلا تم حق سے مِلے
سب راز فَاَوۡحٰیۤ دِل پہ کُھلے یہ عزت و حشمت کیا کہنا...!! (2)

## غلامانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم تي ڪرم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ڪريم فرمايو:

لِنُرِیَہٗ مِنۡ اٰیٰتِنَا ؕ (پارو:15، سورة بني اسرائيل: 1)

ترجموڪنزالعرفان: جيئن اسان ان کي پنهنجون عظيم نشانيون ڏيکاريون.

يعني صاحبِ مِعراج نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي مِعراج ڪرايو

[1]...تحفۂ معراج النبی،صفحہ:125خلاصۃً۔
[2]...قبالۂ بخشش،صفحہ:85۔

ويو تہ جيئن کين اللّٰہ پاڪ جون نشانيون ڏيکاريون وڃن- هن ۾ اسان غلامانِ مصطفيٰ تي بہ ڪرم نوازي جو هڪ پهلو آهي-

امام فخر الدِين رازي رَحمۃُاللّٰہِ عَلَیْہ نهايت ايمان افروز نقطو لکيو آهي سندن فرمان جو خلاصو آهي تہ: جڏهن ڪا شيءِ اوچتو ٻانهي جي سامهون ايندي آهي، جيتوڻيڪ ماڻهو کي ان جي باري ۾ اڳواٽ ئي خبر هجي، ان کي ڇاڻيندو بہ هجي پر پوءِ بہ ڪجهہ دير جي لاءِ ماڻهو جي دل ان شيءِ ۾ مشغول ٿي ويندي آهي، سندس ڌيان ان شيءِ ڏانهن ڇڪجي ويندو آهي، رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جنت ۽ ان جي نعمتن جو بہ علم رکندا آهن، دوزخ ۽ اتان جي عذابن جو بہ علم رکندا آهن پر اللّٰہ پاڪ قيامت اچڻ کان پهريان ئي کين جنت جون نعمتون ۽ دوزخ جون هولناڪيون ڏيکاري ڇڏيون تہ جيئن قيامت جي ڏينهن جڏهن جنت ۽ دوزخ کي سامهون آندو وڃي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي دل ان طرف مشغول نہ ٿئي **پر سندن پوري توجهہ پنهنجي غلامن ڏانهن رهي ۽ انهن جي شفاعت ۾ مصروف رهن.** [1]

مِعْراج کی شَب تو یاد رکھا، پھر حشر میں کیسے بھولیں گے
عطّار اسی اُمّید پہ ہم دِن اپنے گزارے جاتے ہیں[2]

اَللّٰہُ اَکْبَر! ڪمال ئي ڪمال آهي، اللّٰہ ڪريم ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اسان گنهگارن جو ڪيتري حد تائين خيال ڪري رهيا آهن پر افسوس! هڪ اسان گنهگار آهيون ۞ جو اسان کي پاڻ ئي پنهنجو فڪر نہ آهي ۞ اسان پنهنجي بخشش ۽ مغفرت جو فڪر نہ ڪري رهيا آهيون ۞ چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ نفس ۽ شيطان جي چنبي ۾ ڦاسي ويندا آهيون ۞ گناهن ۾ مشغول ٿي ويندا آهيون- اللّٰہ پاڪ اسان کي عقلِ سليم عطا فرمائي. ڪاش! اسان اللّٰہ پاڪ جا شڪرگذار ٻانها بڻجي وڃون ۽ گناهن کان

---

[1]... تفسیرِ کبیر،پارہ:15 ،سورۂ بنی اسرائیل،زیرِ آیت:1 ،جلد:7 ،صفحہ:297۔

[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:288۔

بچي، نيڪين واري زندگي گذارڻ وارا بڻجي وڃون.

نہ کرنا حَشر میں پُرسِش مِری ہو بے سبب بخشش
عطا کر باغِ فردوس از پئے شاہِ اُمَم مولیٰ!
تُو ڈر اپنا عنایت کر، رہیں اس ڈر سے آنکھیں تر
مِٹا خوفِ جہاں دل سے مِٹا دنیا کا غم مولیٰ!
تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی
تُو نا خوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ! (1)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## معراج جي سفر جا ڪجھ عجائبات

پيارا اسلامي ڀائرو! رسولن جي سالار، مکي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم شبِ معراج جيڪي عجائبات ڏٺا، اچو تہ انھن مان ڪجھ جو ذڪر ٻڌون ۽ انھن مان سبق پِرايون:

## ڪپڙا ڦاڙي ڇڏڻ واري ڪاٺي

پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏھن مکي پاڪ کان روانا ٿي مسجدِ اقصيٰ ڏانھن تشريف وٺي وڃي رھيا ھئا تہ سفرِ معراج جي ھن حصي ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪيترائي عجائبات ڏٺا، مثلاً ۞ دنيا کي تمام بدصورت پوڙھي عورت جي شڪل ۾ ڏٺائون ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر مبارڪ جي ڀَر مان گذريا تہ انھن کي مزار پاڪ جي اندر نماز پڙھندي ملاحظہ فرمايائون، ھڪ نصيحت آموز منظر پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اِھو بہ ڏٺو تہ ھڪ ڪاٺي آھي، جيڪا وچ رستي تي پئي آھي، جيڪو بہ اتان گذري رھيو آھي، اُھا ڪاٺي ان جي ڪپڙن سان اٽڪي رھي آھي ۽ سندس ڪپڙا ڦاڙي رھي آھي.

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:97-98 ملتقطاً۔

پياري مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: اي جبرائيل! هي ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو: اي مَحْبُوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! هي اوهان جي امت جا اهي ماڻهو آهن (يعني انهن ماڻهن جو مثال آهي) جيڪي رستن تي ويهندا آهن- پوءِ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هن آيتِ مبارڪ جي تلاوت ڪئي: (1)

وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ
(سيپارو:8، سورة اعراف: 86)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ هر رستي تي ايئن نہ ويهو جو واٽ ويندڙن کي ڊيڄاريو.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ اسان جي لاءِ سبق آهي. ڪيترائي ماڻهو آهن ۞ جيڪي رستن تي ويهي رهندا آهن ۞ شاميانا (*Tent*) وغيره لڳائي رستو بند ڪري ڇڏيندا آهن ۞ ڪجهہ اوباش قسم جا نوجوان چاڙهي واٽي رستن تي بيٺا هوندا آهن، جنهن ڪري اچڻ وڃڻ وارن کي پريشاني ٿيندي آهي ۞ اهڙي طرح رستن تي گند ڪچرو اڇلائڻ ۞ مِيون جون کلُون اڇلائڻ ۞ ماڻهن کي غلط رستو ٻڌائڻ وغيره رستي تي ويهي ماڻهن کي تڪليف پهچائڻ جا مختلف انداز آهن. اسان کي اهڙي بدتهذيبي (*Indecency*) کان هميشہ بچڻ گهرجي.

## رستي جا حَقَ

بخاري شريف ۾ آهي: حضرت ابوسعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ عَنه کان روايت آهي تہ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم (صَحابہ ڪِرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم کي) ارشاد فرمايو: توهان رستن تي ويهڻ کان بچو! صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنهم عرض ڪيو: اسان انهن مجلسن ۾ ويهي (ضروري) ڳالهيون ڪندا آهيون ۽ اُهي اسان جي لاءِ ضروري آهن. فرمايائون: جڏهن توهان مجلسن جي لاءِ ويهو تہ رستي کي ان جو حق ڏيو- عرض ڪيو ويو: رستي جو حق ڪهڙو آهي؟ ارشاد فرمايائون: (1): نگاهون جهڪائي رکڻ (2): تڪليف ڏيڻ واري شيءِ هٽائڻ (3): سلام

1... سبل الہدی ، جماع ابواب معراجہ، الباب الثامن...الخ، جلد:3، صفحہ:82۔

جو جواب ڏيڻ **(4):** نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان روڪڻ.[1]

معلوم ٿيو تہ پهريون حڪم تہ هي آهي تہ اسان رستن ۾ ويهون ئي نہ، پر جيڪڏهن ڪنهن ضرورت سبب ٻاهر گهٽِي وغيره ۾ ويهڻو پئجي وڃي تہ لازمي آهي تہ رستي جا هي **4** حق ادا ڪريون **(1):** پنهنجون نظرون جهڪائي رکون، اچڻ وڃڻ وارن کي نہ گهُوريون، ماڻهن جي گهرن ۾ جهاتي نہ پايون ۽ گهٽيءَ مان گذرڻ وارين عورتن کي تڪليف نہ ٿئي، ان جو خاص خيال رکون **(2):** رستي ۾ ڪا تڪليف ڏيندڙ شيءِ پئي هجي، مثلاً ڪو پٿر رستي ۾ پيو آهي، ڪو ٺاٻڙجي ڪِري سگهي ٿو، ڪيلي جي کَلَ پئي آهي، ان تي پير اچي وڃي تہ ماڻهو انتهائي خراب نموني ترڪي پوندو آهي، اهڙي طرح ڪا بہ تڪليف ڏيڻ واري شيءِ هجي تہ ان کي هٽائي ڇڏيون **(3):** رستي تان گذرڻ وارن کي سلام بہ ڪيون ۽ جيڪڏهن ڪو اسان کي سلام ڪري تہ ان جو جواب بہ ضرور ڏيون **(4):** ۽ چوٿون حق هي تہ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪريون- مثلاً اسان گهٽِيءَ ۾ آهيون ۽ ڪنهن کي ڪو غلط ڪم ڪندي ڏسون تہ حڪمت عملي سان، پيار ۽ محبت سان ڪيس سمجهايون، اچڻ وڃڻ وارن کي موقعي جي مناسبت سان نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا رهون. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرورت تحت رستي ۾ ويهڻ بہ نيڪين سان ڀرپور ٿي ويندو.

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي-

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ننڍڙو پٿر ۽ وڏو ڏاندُ

مسجدِ اقصيٰ ويندي، رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هڪ منظر هي بہ ڏٺو تہ هڪ ننڍڙو پٿر آهي، ان جي اندران هڪ تمام وڏو ڏاند

1... بخاری، کتاب الاستئذان، صفحہ:1542، حدیث:6229۔

نڪتو، پوءِ اهو ڏاند ٻيهر ان ئي پٽر ۾ واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر اهو (انهي پٽر مان نڪرڻ وارو ڏاند) واپس ان جي اندر نہ وڃي سگهيو. پڇڻ تي ٻڌايو ويو تہ هي اُهو شخص آهي، جيڪو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪندو آهي پوءِ انهن تي شرمنده ٿيندو آهي پر پنهنجي زبان مان نڪتل انهن لفظن کي واپس موٽائڻ جي طاقت وٽس نہ هوندي آهي. (1)

## بغير سوچڻ ۽ سمجهڻ جي ڳالهائڻ جو وبال

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڳالهہ تہ سچي آهي، جيڪا ڳالهہ زبان مان هڪ دفعو نڪري وئي، سا نڪري وئي، هاڻي ان کي واپس نہ ٿو موٽائي سگهجي.

حيرت نہ پر عبرت (*lesson*) جي ڳالهہ اِها آهي تہ زبان آهي تہ ننڍڙي پر ان مان ڳالهيون ايڏيون تہ وڏيون وڏيون نڪري وينديون آهن جو جان جي لاءِ آزار بڻجي وينديون آهن. تنهنڪري عقلمند اهوئي آهي جيڪو سوچي سمجهي ڳالهائي. بغير سوچڻ جي ڳالهائڻ وارو اڪثر ڪري نقصان ئي کٽندو آهي. اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو(نيڪيون ڪندي ڪندي) جنت جي ويجهو ٿيندو ويندو آهي، ٿيندو ويندو آهي، ايسيتائين جو ان جي ۽ جنت جي وچ ۾ هڪ هٿ جيترو فاصلو رهجي ويندو آهي، پوءِ اهو ٻانهو پنهنجي زبان مان ڪو اهڙو لفظ ڪيندو آهي، جنهن سبب ڪيس جنت کان پري ڪيو ويندو آهي. (2)

بَکْ بَکْ کی یہ عادَت نہ سرِ حشر پھنسا دے | اللّٰہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
ہر لفظ کا کس طرح حساب آہ! میں دُوں گا | اللّٰہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ (3)

## زبان زهرِيلي نانگَ مثل آهي

ڪُل تقريباً **18 هزار عالَم** (يعني جهان) آهن، خواب بہ هڪ جَهانُ آهي، جنهن کي **عالَمِ رُؤيَا** سڏيو ويندو آهي- عالَمِ رؤيا (يعني خواب) ۾ اسان جي زبان

1... سبل الہدی ، جماع ابواب معراجہ، الباب الثامن...الخ، جلد:3، صفحہ:82۔
2... مسند امام احمد،مسند الانصار،جلد:9 ،صفحہ: 469 ،حديث:23843۔
3... وسائلِ بخشش، صفحہ:93۔

مان نڪرڻ وارن لفظن کي نانگ (*Snake*) جي شڪل ۾ ڏيکاريو ويندو آهي- امام اِبنِ سيرين رَحمةُاللهِ عَلَيْه علمِ تعبير جا تمام وڏا امام آهن- پاڻ فرمائن ٿا: جيڪڏهن ڪو شخص خواب ۾ ڏسي ته ان جي وات مان نانگ نڪتو آهي ته ان جي تعبير هيءَ آهي ته سندس زبان مان اهڙو لفظ نڪرندو، جيڪو ان جي لاءِ تڪليف جو باعث بڻجندو. (1)

الله! الله! اي عاشقانِ رسول! غور ته ڪريو! نانگ زهريلو جانور آهي، بلڪل اهڙي طرح اسان جي زبان به خطرناڪ ترين عضوو آهي، زبان کي 32 ڏندن جي پهري ۾ رکيو ويو آهي، ان جي باوجود به اِها قابو ۾ نه ايندي آهي، جڏهن اها زهر اوڳاڇيندي آهي ته صرف جان کي ئي نه پر ڪڏهن ڪڏهن ايمان کي به سخت نقصان پهچائيندي آهي.

## هٿن ۽ زبان تي قابو رکو...!!

حضرت اَسوَد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: مون الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مون کي نصيحت فرمايو! سرورِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا تون پنهنجي زبان تي قابو رکي سگهين ٿو؟ مون عرض ڪيو: جيڪڏهن مان پنهنجي زبان تي به قابو نه رکي سگهان ته پوءِ ڪهڙي شيءِ تي قابو رکي سگهندس؟ سردارِ انبياء، محبوبِ خُدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا تون پنهنجي هٿن تي قابو رکي سگهين ٿو؟ مون وري عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن مان پنهنجي هٿن تي به قابو نه رکي سگهان ته پوءِ بي ڪهڙي شيءِ تي قابو رکي سگهندس- هاڻي آقاءِ نامدار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بس پوءِ پنهنجي زبان مان هميشه سٺي ڳالهه ئي چئه ۽ تنهنجا هٿ ڀلائي ڪانسواءِ ڪنهن بي شيءِ جي لاءِ نه اٿن. (2)

---

1... تعبير الرؤيا (مترجم)، صفحه:414-

1... معجم كبير ،جلد:1، صفحه:218،حديث:816-

یارَبّ!نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ! زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنتي ۽ جهنمي رُوحَ

معراج شريف جي باري ۾ بخاري شريف جي روايت آهي ته: جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پهرين آسمان تي تشريف کڻي آيا ته هِتي سندن ملاقات حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام سان ٿي، حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جو آڌُرياءُ ڪندي فرمايو: مَرْحَبًا بِالْاِبْنِ الصَّالِحِ وَالنَّبِيِّ الصَّالِحِ يعني صالح پٽ ۽ صالح نبي کي ڀليڪار. (2)

سيدِ عالَم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي ساڄي ۽ کابي پاسي ڪجهه ماڻهن کي ڏٺو، جڏهن حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام پنهنجي ساڄي پاسي ڏسي رهيا هئا ته کليا پئي ۽ جڏهن کابي پاسي ڏسي رهيا هئا ته رُنا پئي. حضرتِ جبرائيل عَلَیْہِ السَّلَام عرض ڪيو: هنن جي ساڄي ۽ کابي پاسي هي جيڪي صورتون آهن اِهي سندن اولاد آهن، ساڄي پاسي وارا جنتي آهن ۽ کابي پاسي وارا جهنمي آهن- (3)

## ماڻهن جا ٻه ئي قسم آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! هن روايت ۾ ٻه اسان جي لاءِ سبق آهي، ڏسو! حضرت آدم عَلَیْہِ السَّلَام جي سموري اولاد کي 2 حصن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، هڪڙا ساڄي پاسي وارا ۽ ٻيا کابي پاسي وارا- ساڄي پاسي وارا جنتي ۽ کابي پاسي وارا جهنمي...!!

معلوم ٿيو ته ابنِ آدم جون 2 ئي صورتون آهن ۞ يا ته هُو جنتي هوندو

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:93۔

2... بخاری، کتاب مناقب الانصار،باب المعراج، صفحہ:976، حدیث : 3887۔

3... بخاری، کتاب الصلاۃ، باب کیف فرضت ...الخ،صفحہ:161، حدیث: 349 ۔

۞ يا جهنمي هوندو، ٽين صورت نہ آهي- اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| فَمِنۡهُمۡ شَقِيٌّ وَّ سَعِيۡدٌ ﴿۱۰۵﴾ فَاَمَّا الَّذِيۡنَ شَقُوۡا فَفِى النَّارِ لَهُمۡ فِيۡهَا زَفِيۡرٌ وَّ شَهِيۡقٌ ﴿۱۰۶﴾ (پارو: 12، سورة هُود: 105 ـ 106) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ انهن ۾ ڪو بدبخت هوندو ۽ ڪو خوش نصيب هوندو- پوءِ جيڪي بدبخت هوندا اُهي تہ دوزخ ۾ هوندا، اُهي ان ۾ گڏهہ وانگر هِينگندا. |

وڏيڪ فرمايائون:

| | |
|---|---|
| وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ سُعِدُوۡا فَفِى الۡجَنَّةِ خٰلِدِيۡنَ فِيۡهَا (پارو: 12، سورة هُود: 108) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اَهي جيڪي خوش نصيب هوندا سي جنت ۾ هوندا- هميشه ان ۾ رهندا. |

مطلب تہ قيامت جي ڏينهن حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام کان وٺي قيامت تائين اچڻ وارا سڀ ماڻهو جيڪي گڏ ٿيندا، انهن جا 2 ئي ٽولا هوندا ۞ هڪڙا اُهي جيڪي **شقي** آهن ۞ ٻيا اُهي جيڪي **سَعِيد** آهن- جن تي بدبختي غالب اچي وئي ۽ انهن جي لاءِ جهنم جو فيصلو ڪيو ويو تہ اهي جهنم ۾ رهندا ۽ جهنم ۾ انهن جو حال هِي هوندو جو اُهي گڏهن وانگر هِينگندا رهندا.(1)

۽ جيڪي سعادت مند هوندا، اُهي هميشہ هميشہ جنت ۾ رهندا ۽ ڪجهہ اهڙا گنهگار مسلمان جيڪي پنهنجي گناهن جي ڪري ڪجهہ عرصو جهنم ۾ رهندا، پوءِ انهن کي بہ جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. اِها اللہ پاڪ جي عطا، ان جي عنايت ۽ رحمت آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي.(2)

## سعادت مند جون نشانيون

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ٻہ ئي صورتون هونديون، يا تہ اللہ پاڪ جي رحمت سان جنت ملندي، يا جهنم ٺڪاڻو هوندو.

اللہ پاڪ اسان کي جهنم کان بچائي، سوچڻ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان

1... تفسير صراط الجنان، پاره:12، سورة هود، زير آيت:106، جلد:4، صفحہ:498۔

2... تفسير صراط الجنان، پاره:12، سورة هود، زير آيت:108، جلد:4، صفحہ:501 خلاصةً۔

ڪهڙي ٽولي ۾ آهيون؟ ڇا مان انهن مان آهيان جن کي ڏسي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام مسڪرائي رهيا هئا يا انهن مان آهيان جن کي ڏسي پاڻ روئي رهيا هئا؟ اسان کي اِها خبر ڪيئن پوندي...؟ اچو تہ هڪ حديث پاڪ ٻڌون ٿا:

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عنہفرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان بارگاهِ رسالت ۾ حاضر هئاسين تہ هڪ شخص آيو، ان جڏهن اسان کي ڏٺو تہ پنهنجي سواري تان لٿو ۽ پيدل هلندي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! مان 9 ڏينهن جي مسافري کان آيو آهيان پر آيو اهڙي نموني آهيان جو مون اِهو رستو صرف 6 ڏينهن ۾ طئي ڪيو آهي، مان ڏينهن جو اجارو رهيس، راتين جو جاڳندو رهيس(اهڙي طرح مون تيزي سان سفر ڪيو آهي تہ جيئن جلد کان جلد اوهان جي خدمت ۾ پهچي وڃان، يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم!) منهنجي اچڻ جو اصل مقصد ٻہ سوال آهن، جن منهنجي ننڊ ڦِٽائي ڇڏي آهي، بس مان انهن جا جواب چاهيان ٿو.

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ان خوش نصيب مسافر کان سندس نالو پڇيو، وراڻيائين: اَنَا زَيْدُ الْخَيْلِ يعني مان گهوڙي وارو زيد آهيان- رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: بَلْ اَنْتَ زَيْدُ الْخَيْرِ (يعني تون گهوڙي وارو زيد نہ) پر ڀلائي وارو زيد آهين- پوءِ فرمايائون: پڇو ڇا پڇڻو آهي؟ هاڻي ان صحابي رَضِیَ اللہُ عنہ ٻہ انوکا سوال پڇيا، عرض ڪيائين: (1): هڪ اهڙو ٻانهو جيڪو الله پاڪ کي پسند آهي، ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟ (2): ۽ ٻيو اِهو تہ جنهن شخص کي الله پاڪ پسند نہ فرمائيندو آهي، ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟

هي ٻہ عجيب سوال هئا، قربان وڃجي! غيب جون خبرون ڄاڻڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي علم تي، جيئن سوال انوکا هئا، تيئن پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم انهن جا جواب بہ نرالا ئي عطا فرمايا، ارشاد فرمايائون: اي زيد!

تون صبح کهڙي ڪيفيت ۾ ڪيو هو؟ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! صبح جڏهن ٿيو ته منهنجي ڪيفيت اِها هئي جو ۞ منهنجي دل ۾ نيڪيءَ جي ۽ نيڪ ماڻهن جي محبت هئي ۞ منهنجي دل چاهي پئي ته مان نيڪ ڪم ڪريان ۞ پوءِ جيڪا نيڪي مون کان رهجي وئي، مان نه ڪري سگهيس، مون کي ان تي ڏُک ٿيو ۽ جيڪا نيڪي مون ڪري ورتي، پوءِ اُها ٿوري هئي يا گهڻي، مون کي ان تي ثواب ملڻ جو يقين ٿي ويو.

(يعني هي ڪُل 3 ڪم آهن: **(1):** نيڪي سان ۽ نيڪ ماڻهن سان محبت **(2):** نيڪ ڪم ڪرڻ جي چاهت **(3):** جيڪڏهن ڪا نيڪي نه ٿي سگهي ته ان تي ڏُک ٿيڻ). رسولِ ذيشان، مڪي مَدَني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم حضرت زيدُ الْخَيْر رَضِيَ اللهُ عنه جو جواب ٻڌي ارشاد فرمايو: هِيْهِ! هٰذِهٖ عَلَامَةُ اللهِ فِيمَنْ يُّرِيدُ يعني ها! اِها ئي ڳالهه آهي، اِها ئي اُن شخص جي نشاني آهي جنهن کي الله پاڪ پسند فرمائيندو آهي ۽ الله پاڪ جي ناپسنديده ٻانهي جي نشاني اها آهي ته جيڪڏهن توکان ڀلائي جو ارادو نه ٿيندو ته تنهنجي لاءِ ان جي اُبتڙ ڪم ڪرڻ آسان ٿي ويندو، پوءِ الله پاڪ کي ان جي ڪا پرواهه نه هوندي ته تون ڪهڙي وادي ۾ هلاڪ ٿي رهيو آهين. (1)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو، نيڪ ۽ سعادت مند ٻانهو اهو شخص آهي جنهن ۾ هي 3 نشانيون هونديون آهن **(1):** هُو نيڪيءَ سان به محبت ڪندو آهي ۽ نيڪ ماڻهن سان به محبت ڪندو آهي **(2):** هُو صرف نيڪَن جي ساراهه ڪرڻ تي ئي نه رهندو هجي بلڪ پاڻ به نيڪ ٻڻجڻ جي خواهش رکندو هجي **(3):** ۽ ٽين ڳالهه اِها ته جيڪڏهن الله نه ڪري ڪنهن سبب جي ڪري هُو نيڪي نه ڪري سگهيو ته ان محرومي تي ڪيس افسوس به ٿيندو آهي ته اهڙو شخص سعادت مند ٻانهو آهي.

هاڻي اسان پنهنجي باري ۾ غور ڪريون ته جيڪڏهن اِهي ٽيئي نشانيون

[1] ... السنة لابن ابی عاصم، جلد:1، صفحہ:296، حديث:424۔

اسان جي اندر بہ موجود آهن، اسان نيڪيءَ سان ۽ نيڪ ماڻهن سان محبت ڪرڻ وارا آهيون، نيڪ ٻڌجڻ جي چاهت رکندا آهيون، الله نہ ڪري ڪا نيڪي نہ ٿي سگهي تہ ان محرومي تي ڏکي بہ ٿيندا آهيون تہ اِها ان ڳالھ جي نشاني آهي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! قيامت جي ڏينهن اسان اهلِ سعادت سان گڏ هونداسين ۽ الله پاڪ چاهيو تہ جنت نصيب تي ئي ويندي. الله پاڪ اسان کي نيڪ ٻڌجڻ ۽ نيڪن سان محبت رکڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

## عرش جي نُورَ ۾ ويڙهيل شخص

امام اِبنِ اَبِي دُنيا تمام وڏا مشهور عالِم، مُحَدِث ۽ صُوفي آهن، ٽين صدي هجري جا بزرگ آهن، امام بُخاري رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي شاگردن منجهان آهن، انهن هڪ تمام خوبصورت روايت ذڪر ڪئي آهي، لڪن ٿا تہ جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مِعراج تي تشريف وٺي ويا تہ ان دوران پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ عجيب منظر ڏٺو، اهو ڪهڙو منظر هو؟ فرمايائون: مان عرش جي نُورَ ۾ ويڙهيل هڪ شخص ڏٺو، مون پڇيو: مَنْ هٰذَا؟ اَمَلَكٌ؟ هيءُ ڪير آهي؟ ڪو ملائڪ آهي؟ چيو ويو: نہ- مون چيو: اَنَبِيٌّ؟ ڇا ڪو نبي آهي؟ چيو ويو: نہ- مون پڇيو: مَنْ هُوَ؟ پوءِ هي ڪير آهي؟ جواب مليو (جنهن جو خلاصو هي آهي تہ) هي اُهو شخص آهي جنهن جون **3** صفتون آهن: **(1):** ان جي زبان هميشہ ذِكْرُ الله سان تَر رهندي هئي **(2):** هن جي دل مسجد ڏانهن ئي لڳل رهندي هئي **(3):** ۽ ان جي ڪري ڪڏهن بہ سندس ماءُ پيءُ کي بُرو پلو نہ چيو ويو. [(1)]

پهنچے جب معراج کی شب سرورِ عالم وہاں | دفترِ اسرار بھی کھلتے چلے جائیں جہاں

---

[1]… موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الاولیاء، جلد:6، صفحہ:415، حدیث:95۔

| | |
|---|---|
| عرش کے نزدیک دیکھا آپ نے منظر عجیب | نور کے پردوں میں لپٹا فرد ہے اک خوش نصیب |
| فرطِ حیرت میں رسول اللہ نے پوچھا سوال! | نور گیں (نورانی) یہ کون ہے؟ بتلاؤ مجھ کو اس کا حال |
| کون ہے یہ؟ اور اس کی رفعتوں کا راز کیا؟ | کیا مَلَک ہے ؟یا نبی؟ یا خاص ہے اعزاز کیا؟ |
| یارسول اللہ! یہ بھی آپ کی اُمّت سے ہے | ہاں مگر یہ خوش عقیدہ اہلِ خوش خصلت سے ہے |
| ذکر سے اللہ کے تر رہتی تھی اس کی زباں | لَوٹ بھی آئے اگر مسجد سے، دل رہتا وہاں |
| واسطے ماں باپ کے نہ تھا یہ طعنوں کا سبب | بس یہ تینوں عادتیں ہیں اس کی شانوں کا سبب |

سُبْحٰنَ اللہ! سُبْحٰنَ اللہ! هن روايت مان خبر پئي ٿي تہ ۞ مسجدن سان محبت ڪرڻ ۞ والدين جي عزت وارا ڪم ڪرڻ ۽ ۞ ذِکْرُاللہ جي ڪثرت ڪرڻ، اِهي ٽيئي اهڙا ڪم آهن جيڪي اللّٰہ پاڪ کي تمام گهڻو محبوب آهن- اسان کي بہ اِهي سمورا ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي خاص ڪري اللّٰہ پاڪ جو ذڪر ڪندو رهڻ پنهنجي عادت بڻائي ڇڏڻ گهرجي، ڇوتہ اِهو ئي اسان جي زندگي جو مقصد بہ آهي ۽ آخرت ۾ ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جو سبب بہ آهي.

## غلامانِ محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي نالي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جو پيغام

اسان جي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: معراج جي رات منهنجي ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان ملاقات ٿي، پاڻ فرمايائون: اي مَحبوب نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! پنهنجي امت کي منهنجو سلام پهچايو!

(سُبْحٰنَ اللہ! چا ڳالهہ آهي...!! آقا ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ اسان گنهگارن تي ڪهڙيون ڪهڙيون نہ عنايتون ٿي رهيون آهن...!! اللّٰہ پاڪ جا خليل عَلَيْهِ السَّلَام اسان گنهگارن کي سلام پهچائي رهيا آهن.

اے ماہِ مدینہ تری تَنْوِیر کے قرباں! | چمکا دیا اُمّت کا نصیبہ شبِ معراج

الله پاڪ اسان کي انهن ڪرم نوازين تي شڪر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. مداحِ حبيب مولانا جميل احمد رضوي رَحمۃُاللہِعَلَیْہ فرمائن ٿا:

اپنے مَحْبُوب کی اللہ نے اُمّت میں کِیَا | سُنّیو...! مِل کے کرو شکرِ خُدا آج کی رات

خير! مان روايت ٻڌائي رهيو هئس، حضرت ابراهيم عَلَیْہِ السَّلَام پياري مَحْبُوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي ذريعي امت کي سلام پهچايو، پوءِ فرمايائون: اي محبوب نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! پنهنجي امت کي ٻڌايو تہ جنت پاڪ ۽ زرخيز زمين آهي ۽ خالي ميدان جي صورت ۾ آهي- بيشڪ هتان جا باغ سُبْحٰنَ الله! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ اَللّٰهُ اَکْبَر آهن. (1)

يعني جنت جي زمين خالي آهي، ٻانهو جڏهن سُبْحٰنَ الله! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! لَا اِلٰهَ اِلَّا الله ۽ اَللّٰهُ اَکْبَر چوندو آهي تہ ان جي لاءِ جنت ۾ وڻ لڳندا رهندا آهن- تنهنڪري اي پيارا محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي امت کي فرمايو تہ! انهن ڪلمات جو ڪثرت سان ذڪر ڪندا رهن تہ جيئن جنت ۾ انهن جي لاءِ گهڻي کان گهڻا باغ لڳندا رهن.

مَاشَآءَالله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪيڏي نہ پياري نصيحت آهي- ڪوشش ڪريو! ڪثرت سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ جي عادت ٺاهيو! هڪ دفعو سُبْحٰنَ الله چوڻ ۾ ڪيترو وقت لڳندو، ڪڏهن وقت جو خيال رکي (مثلاً ***Stop watch*** هلائي) پڙهي ڏسو! هڪ سيڪنڊ ۾ **2 کان 3** دفعا آساني سان سُبْحٰنَ الله پڙهي سگهجي ٿو- يعني صرف سيڪنڊن جو ڪم آهي ۽ ان جو اجر ڪيڏو وڏو آهي؟ هڪ دفعو سُبْحٰنَ الله چوڻ سان جنت ۾ هڪ وڻ لڳي ويندو آهي- الله پاڪ اسان کي

[1] ... الانس الجليل، جلد:1، صفحه:130 ـ

توفيق عطا فرمائي.اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم-

میری زباں تَر رہے ذِکْر و دَرُود سے | بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ معراج محبوبِ خُدا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترائي عجائبات ڏٺا، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنياوي وقت مطابق هڪ سيڪنڊ ۾ جيترا عجائبات ڏسي ورتا هئا، انهن عجائبات کي ڏسڻ تہ پري جي ڳالھ آهي، پر اسان ڪيترن ئي ڪلاڪن ۾ ان کي بيان بہ نہ ٿا ڪري سگھون- توهان اندازو لڳايو تہ سيرتِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جڏهن ڪجھ سيڪنڊ ئي اهڙا آهن تہ پوءِ پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پوري سيرتِ پاڪ کي بيان ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ ٿي سگھي ٿو...؟ ان ڪري تہ اسان چوندا آهيون:

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے | تیرے اوصاف کا اِک باب بھی پُورا نہ ہوا

خير! سمورا عجائباتِ معراج تہ مان بيان ڪري ئي نہ ٿو سگھان، ڪجھ روايتون عرض ڪيون آهن، اڃو تہ آخر ۾ هڪ سبق آموز روايت خاص ان لمحي جي متعلق ٻڌي ونون ٿا، جڏهن پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي حضور ۾ قربِ خاص ۾ حاضر هئا.

## ڏينهن کي رات ۽ رات کي ڏينهن بڻائي ڇڏيو..!!

روايت آهي: شبِ معراج محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عرض ڪيو: يَا رَبِّ! دُلَّنِي عَلٰی شَيْءٍ اَتَقَرَّبُ اِلَيْكَ اي مالڪِ ڪريم! منهنجي اهڙي عمل ڏانهن رهنمائي فرماءِ، جنهن جي ذريعي مان تنهنجو قرب حاصل ڪري سگھان.

هاڻي هتي ڏسو! هي سوال جواب اسان کي سيکارڻ جي لاءِ آهن، نہ تہ محبوب صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ اڳ ۾ ئي اهڙي قربِ خاص ۾ حاضر ٿي چڪا هئا، جتي ڪوئي بہ پهچي نہ ٿو سگھي ۽ نہ ئي ان کان وڌيڪ قرب جو تصور ئي ڪري سگھجي ٿو.

تنهنڪري اِهو سوال جيڪو محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪيو، يقيناً اسان ڪي سيکارڻ جي لاءِ ئي ڪيو، يعني مقصد هي هو تہ اي مالڪ ڪريم! منهنجا اُمَّتي تنهنجو قرب ڪهڙي عمل جي ذريعي حاصل ڪري سگهن ٿا؟

الله پاڪ فرمايو: اِجْعَلْ لَيْلَكَ نَهَارًا، وَنَهَارَكَ لَيْلًا يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! منهنجي قرب حاصل ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ پنهنجي رات ڪي ڏينهُن ۽ ڏينهَن ڪي رات بڻائي ڇڏيو!

عرض ڪيائون: يَا رَبِّ! كَيْفَ يَكُوْنُ ذٰلِكَ؟ يعني اي رَب! اِهو ڪيئن ٿيندو؟ فرمايو ويو: اِجْعَلْ نَوْمَكَ صَلَاةً، وَاجْعَلْ طَعَامَكَ الْجُوْعَ يعني اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي ننڊ جي جاءِ تي نماز ۽ کاڌي جي جاءِ تي بُکَ رکي ڇڏيو! [1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ رات جو ننڊ قربان ڪري ٿوري دير جي لاءِ نماز پڙهڻ ۽ ڏينهن جو روزو رکي بُکَ برداشت ڪرڻ الله پاڪ جو قرب حاصل ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي.

## رات جي نماز جي فضيلت

**(1)** حضرت ابو هُريره رَضِيَ اللهُ عنه فرمائن ٿا، مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم مون ڪي ان شيءِ جي باري ۾ ٻڌايو، جنهن تي عمل ڪري مان جنت حاصل ڪري سگهان- فرمايائون: کاڌو کاراءِ، سلام ڪي عام ڪر، صِلہءِ رحمي ڪر ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهيا پيا هجن تہ (نفلي) نماز پڙهہ، تون سلامتيءَ سان جنت ۾ داخل ٿي ويندين. [2] **(2):** الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنت ۾ اهڙا بالا خانا آهن، جن جو ٻاهر اندر کان ۽ اندر ٻاهر کان ڏسجندو آهي. هڪ اعرابي اٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اُهي ڪنهن جي لاءِ آهن؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اُهي

---

[1]... نادر المعراج، صفحہ:322۔

[2]... مُسنَد امام احمد،جلد:4،صفحہ:209، حديث:8152 ۔

ان جي لاءِ آهن، جيڪو نرم گفتگو (*Soft Communication*)ڪري، ڪاڙو ڪارائي، مسلسل روزا رکي ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سُتل هجن تہ اٿي اللّٰه پاڪ جي لاءِ نماز پڙهي.(1)

## نمازِ معراج جي ياد

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز معراج جو تحفو بہ آهي ۽ مؤمن جي جي حق ۾ معراج بہ آهي- مِرْقَاةُ الْمَفَاتِيْح ۾ آهي: اَلصَّلَاةُ مِعْرَاجُ الْمُؤْمِن يعني نماز مؤمن جو معراج آهي. (2)

هن پياري پياري عبادت يعني نماز ۾ معراج مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي ياد بہ رکي وئي آهي. جي ها! علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: معراج جي رات اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بارگاهِ رَبُّ الْعِزّت ۾ حاضر ٿيا تہ پاڻ عرض ڪيائون: اَلتَّحِيَّاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰتُ وَالطَّيِّبَاتُ (يعني سموريون قولي ۽ مالي عبادتون اللّٰه پاڪ جي لاءِ ئي آهن) اللّٰه پاڪ ان جي جواب ۾ فرمايو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ (سلام هجي اوهان تي اي نبي! ۽ اللّٰه پاڪ جون رحمتون ۽ برڪتون)، ان تي رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ٻيهر عرض ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصَّالِحِيْنَ (سلام هجي اسان تي ۽ اللّٰه پاڪ جي نيڪ ٻانهن تي). (3)

جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم معراج تان واپس تشريف ڪٺي آيا تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم اُمَّت کي اَلتَّحِيَّات جي تعليم ڏني ۽ ان ۾ اهي ئي مبارڪ ڪلما سيکاريائون، جڻ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي مومنو! نماز توهان جو معراج آهي تنهنڪري معراج ۾ مان پنهنجي رب ڪريم سان

1... ترمذی، کتاب: صفۃ الجنۃ ، باب: ماجاء فی صفۃ غرف الجنۃ ، صفحہ:597، حدیث:2527۔
2... مرقاۃ المفاتیح،کتاب الصلاۃ ، صفحہ:421،حدیث:746 ۔
3... مرآۃ المناجیح ،جلد:2،صفحہ:88۔

جيڪا ڳالھ ٻولھ ڪري آيو آھيان توھان بہ نماز ۾ اُھائي ڪندا ڪريو. [1]

# معراج جي تحفي جو قدر ڪريو

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جو دستور آھي تہ ماڻھو تحفن جو قدر ڪندا آھن، خاص طور جڏھن تحفو ڪنھن وڏي شخصيت کان مليو ھجي تہ ان کي سنڀالي رکيو ويندو آھي ۽ پنھنجي قسمت تي ناز ڪيو ويندو آھي- ان جي ابتڙ جيڪي ماڻھو تحفن جو قدر نہ ڪندا آھن يا تحفو ڏيڻ واري جو شڪريو ادا نہ ڪندا آھن تہ اھڙا ماڻھو معاشري ۾ سٺي نظر سان نہ ڏٺا ويندا آھن- مان جنھن تحفي ڏانھن توجھ ڏيارڻ چاھيان ٿو اھو مخلوق جو نہ پر خالقِ ڪائنات اللّٰہ پاڪ جي طرفان ڏنو ويو آھي جيڪو شبِ معراج پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وسيلي مسلمانن کي عطا ڪيو ويو، ھن تحفي کي ٻنھي جھانن جي سردار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنھنجي اکين جي ٺڌاڻ قرار ڏنو آھي.

ھاڻي اسان کي غور ڪرڻو آھي تہ اسان ھِن تحفۂ معراج جو ڪيترو قدر ڪري رھيا آھيون- افسوس! افسوس! اڄڪلھ نماز جي بلڪل پرواھ نہ ٿي ڪئي وڃي، مسلمانن جي اڪثريت نمازن کان پري آھي ۽ جيڪي نماز پڙھندا آھن، انھن ۾ بہ ھڪ تعداد اھڙن جو آھي، جيڪي ڪڏھن پڙھندا آھن ڪڏھن نہ پڙھندا آھن يا وري بہ، ٽي يا چار نمازون پڙھندا آھن، پنج پُوريون نہ پڙھندا آھن، جيڪي پنج نمازون پڙھندا آھن، انھن ۾ بہ ھڪ تعداد آھي جيڪي جماعت ڇڏي ڏيندا آھن ۽ مسجد ۾ باجماعت نماز ادا نہ ڪندا آھن- ڪاش! اسان کي ھن معراج جي تحفي جو قدر نصيب ٿي وڃي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# 27 رجب جي روزي جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! روزو جسماني صحت جو بہ ضامن آھي ۽ روحاني

1... مرآۃ المناجیح ،جلد:2،صفحہ:90۔

صحت جو بہ ضامن آهي- اَلْحَمْدُ لله! رجب شريف جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، نفلي روزن جي چڱ موسمِ بهار هلي رهي آهي، اسان کي گهرجي تہ هنن بابرڪت ڏينهن مان فائدو حاصل ڪندي خوب روزا رکون، نيڪيون بہ ڪمايون ۽ روزو رکڻ جي فضيلت جا حقدار بہ بڻجون- سياڻي جيئن تہ **27 رجب شريف** آهي تنهنڪري اچو تہ **27 رجب شريف** جي روزي جون فضيلتون ٻڌون ٿا: ۞ حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: جيڪو **27 رجب** جو روزو رکندو آهي، الله پاڪ ان جي لاءِ سٺ مهينن جي روزن جو ثواب لکندو آهي. (1) ۞ حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ کان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مَدَني صَلَّی اللّٰہُ عَلیہ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: رجب ۾ هڪ ڏينهن ۽ رات آهي جيڪو ان ڏينهن جو روزو رکي ۽ رات جو قِيام (عبادت) ڪري تہ ڄڻ ان **100** سالن جا روزا رکيا ۽ اُها **رجب جي 27 ستاويهين** تاريخ آهي. (2)

## شعبان جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! شعبان شريف بہ تشريف کڻي اچڻ وارو آهي- هي مهينو بہ وڏين برڪتن ۽ عظمتن وارو آهي، پيارا آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ ڪثرت سان نفلي روزا رکندا هئا- هن ماهِ ذيشان ۾ بہ نفلي روزن جي ڪثرت جو ذهن بڻايو! مسلمانن جي پياري اَمِي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا فرمائن ٿيون: پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي مون **شعبان شريف** کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وآلِہٖ وسَلَّم ڪجهہ ڏينهن کان علاوہ سڄي مهيني جا روزا رکندا هئا. (3) **(4):** هڪ دفعو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وآلِہٖ وسَلَّم جي خدمت ۾

---

1... فضائل شہر رجب للخلال، صفحہ:76، حديث:18۔

2... شعب الايمان،باب الصيام، فصل فی تخصيص شہر رجب...الخ، جلد:3،صفحہ:374،حديث:3811۔

3... ترمذی، کتاب:الصوم، باب:ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حديث:736۔

سوال ٿيو: رمضان کان پوءِ ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: **رمضان جي تعظيم ۾ شعبان جا روزا رکڻ.**(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ **شعبان شريف** ۾ به روزن جي بهار هوندي آهي، مختلف جاين تي سحري اجتماعن جو به اهتمام ڪيو ويندو آهي، مَاشَآءَالله! ڪيترا ئي عاشقانِ رسول ڪثرت سان روزا رکندا آهن ۽ مسلسل روزا رکندي **رمضان ڪريم** سان ملي ويندا آهن- توهان به دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو اِنْ شَآءَالله الْڪَرِيْم! فيضانِ معراج سان گڏوگڏ **شعبان شريف** ۽ **رمضان ڪريم** جون به خوب خوب برڪتون نصيب ٿينديون الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي- اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُ لِله! **رمضان شريف** به اچڻ وارو آهي- رمضان شريف تمام گهڻين برڪتن وارو مهينو آهي، هي مهينو ماهِ رحمٰن، ماهِ نزولِ قرآن ۽ ماهِ غفران آهي.

عَجِّلْ عَجِّلْ يَا رمضان | جان مِری تجھ پر قربان
آ بھی جا ماہِ سُبحٰن | جلدی جلدی آ رمضان
جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آجاتی ہے جان
خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن
مجھ کو مدینے میں رمضان | کاش! میسر ہو رحمٰن
آجا آ بھی جا رمضان | تجھ پہ فِدا عطّاؔر کی جان

1... ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلت صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

اللّٰه پاڪ اسان کي ماهِ رمضان ڏسڻ، ان ۾ خوب روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ نصيب فرمائي- ماهِ رمضان جي هڪ اهم ترين عبادت اعتڪاف بہ آهي- نفلي اعتڪاف تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنتِ مؤڪده آهي، اهو صرف **رمضان شريف** ۾ ئي ٿيندو آهي- پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پُوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي، جڏهن تہ آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف تہ اسان جي آقا و موليٰ، تاجدارِ انبياء صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو محبوب هو، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري ڏهاڪي جي اعتڪاف جو تمام گهڻو اهتمام فرمائيندا هئا- ايتري قدر جو هڪ دفعي ڪنهن سبب جي ڪري **رمضان شريف** ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو. (1)

## اعتڪاف جون فضيلتون

۞ مسلمانن جي پياري اَمِي جان حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنها کان روايت آهي تہ پياري آقا، مڪي مَدَني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَانًا وَّاِحْتِسَابًا غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا. (2) ۞ **هڪ بي روايت ۾ آهي:** جنهن **رمضان شريف** ۾ **10** ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو اهو ائين آهي جڻ اُنَ **2** حج ۽ **2** عمرا ڪيا. (3)

## اجتماعي سنت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم سجي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، فيضانِ رمضان حاصل ڪرڻ،

1... بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحہ:533،حدیث:2041۔
2...جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8480۔
3...جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479۔

گناهن کان بچڻ ۽ نيک نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو- اَلْحَمْدُلِله! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين جاين تي آخري ڏهاڪي جو اجتماعي سُنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي. توهان به ڪوشش ڪريو! سڄي مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريو! جيڪڏهن ٿي سگهي ته عالَمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪريو! ڇوته اُتي وقت جي ڪامل ولي شيخِ طريقت، امير اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان گڏ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿيندي ته ان جون برڪتون ئي نراليون هونديون- اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! **رمضان شريف** ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ تمام گهڻو علمِ دين به سکڻ لاءِ ملندو، اچو ته ترغيب جي لاءِ اجتماعي اعتڪاف جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گناهن ڀري زندگي ۾ بهار اچي وئي

ڊيره اللّٰه يار (صوبو بلوچستان، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته: مان ڀهريان گناهن جي دُٻڻ ۾ ڦاٿل هئس، فلمون ڏسڻ ۽ بدنگاهي وغيره ڪرڻ منهنجا پسنديده مَشغلا هئا، هڪ دفعو هڪ عاشقِ رسول اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي، انهن ڏاڍي پياري انداز ۾ مون کي اجتماعي سُنت اعتڪاف ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، سندن حڪمت ڀريو ۽ پيارو انداز ڏسي منهنجي دل کي چوٽ لڳي ۽ مان رمضان المبارڪ ۾ اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت لاءِ فيضانِ مدينه پهچي ويس- اعتڪاف جي دوران مبلغ اسلامي ڀائرن جا سُنتن ڀريا بيان، پُرسوز مناجات ۽ رِقَّت انگيز دعائن منهنجي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي، مون پنهنجي ڪيل گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس، ان جي برڪت سان منهنجي ڪردار (*Character*) ۽ گفتار ۾ مثبت تبديليون (*Positive Changes*) اچڻ لڳيون، مون پنهنجي مٿي تي عمامي شريف جو تاج به سجائي ڇڏيو، سُنت جي مطابق ڏاڙهي شريف به رکي ڇڏي ۽ اَلْحَمْدُلِله! نمازن

جو پابند بہ بڻجي ويس.

آئیں گی سُنتیں، جائیں گی شامتیں | مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم سدھر جاؤ گے، پاؤ گے برکتیں | مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي- اَلحمدُلله!

❀ڪنزالمدارس بورڊ (*Kanzul Madrasah Board*) جي ناليِ سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي، ❀ هزارين جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالِم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تَخصُصَات (*Specialization*) ۽ فرض علوم ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جو تعداد لکن ۾ آهي، ❀ وڏي عمر وارن اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هزارين مدارس المدينہ بالغان و بالغات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي، فيضان آن لائن اڪيڊمي (*Faizan Online Academy*) جي ذريعي ديني تعليم ڏيڻ جو سلسلو بہ جاري آهي، ❀ ديني ۽ شرعي رهنمائي جي لاءِ **دارالافتاء اهل سنت** قائم ڪيا ويا آهن، ❀ المدينةُ العلميه (اسلامِڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (*Religious literature*) تي تحقيقي ڪم ڪيو ويندو آهي، ديني لٽريچر جي اشاعت جي لاءِ اشاعتي ادارو مكتبةُ المدينه قائم ڪيو ويو آهي، ❀ دنيا ڀر ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو پورو تنظيمي سيٽ اپ موجود آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شُوريٰ تائين پورو هڪ

نظام قائم آهي، شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن، ❀ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اُهي فَارِغُ الْبَال(يعني ڪمائڻ کان بي پرواهه) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن، ❀ ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي ۞ پرنٽ ميڊيا(۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثير الاشاعت ماهوار رسالو آهي) ۞ سوشل ميڊيا (مثلاً، يوٽيوب (*Youtube*)، فيس بڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره) تي مجموعي طورر تي لکين فالورز (*Millions Followers*) آهن جڏهن تہ ويوز جو تعداد بلينز (*Billions*) يعني اربن کان بہ وڌيڪ آهي ۞ ان کان سواءِ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگلا زبانن ۾، ڪِڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت جاري آهي.

**توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجو چندو دعوت اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

## فيضانِ حديث موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ جي طرفان تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن "**فيضانِ حديث**" جي نالي سان

*Play Store* ۽ *App Store* تي پيش ڪئي وئي آهي- هن ايپلي ڪيشن ۾ حديث پاڪ جا مشهور ڪتاب مثال طور ۞ مِشْكٰوةُ الْمَصَابِيْح ۽ ان جي اُردو شرح مِرْاٰةُ الْمَنَاجِيْح ۞ الأربَعِيْن النَّووِيَّة ۞ رِياضُ الصَّالِحِين ۞ أَربَعِيْن حَنَفِيَّه ۞ ۽ مُنْتَخَب اَحَادِيث ۞ اَنْوَارُ الْحَدِيْث عربي متن، ترجمي ۽ شرح سان پڙهي سگهو ٿا. ۞ هن ايپلي ڪيشن جي مدد سان اوهان احاديثِ ڪريمہ کي ڪتابي صورت ۾ (يعني جلدن جي اعتبار سان) بہ پڙهي سگهو ٿا ۽ مختلف موضوعن جي اعتبار سان پنهنجي گهربل موضوع جو بہ مطالعو ڪري سگهو ٿا ۞ سرچ آپشن جي مدد سان مڪمل ڪتاب يا ڪنهن بہ هڪ حديث ۾ مختلف الفاظ ۽ مڪمل جملو ۽ حديث پاڪ جا عربي الفاظ، ان جي ترجمي ۽ شرح ۾ الڳ الڳ سرچ ڪري سگهجي ٿو ۞ حديث پاڪ جو عربي متن اعرابن سان ۽ اعرابن ڪانسواءِ، ٻنهي طريقن سان ڏسڻ جي سهولت مهيا ڪئي وئي آهي ۞ مطالعي جا نوٽس محفوظ ڪرڻ لاءِ پسنديده احاديث کي *Favorite* ڪرڻ جو آپشن بہ ڏنو ويو آهي ۞ مختلف فونٽس ۽ احاديث شيئر ڪرڻ جي سهولت بہ ڏني وئي آهي- اڄ ئي پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ ڪريو! پاڻ بہ حديث پاڪ جو فيضان حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو!

## رجب ۾ پڙهڻ واري دعا

پيارا اسلامي ڀائرو! رَجَب شريف جو مبارڪ مهينو هلي رهيو آهي، نبين جا نبي، رسولِ هاشمي، صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماهِ رجب شريف ۾ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

ترجمو: اي اللّٰه پاڪ! تون اسان جي لاءِ رجب ۽ شعبان ۾ برڪتون عطا فرماءِ ۽ اسان کي رمضان تائين پهچاءِ.[1]

اچو تہ اسان بہ هيءَ دعا پڙهي وٺون ٿا:

---

[1]... مُسْنَد بَزّار، جلد:13، صفحہ:117، حديث:6496-

اَللّٰھُمَّ بَارِكْ لَنَا فِی رَجَبٍ وَّ شَعْبَانَ وَبَلِّغْنَا رَمَضَان

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لِلّٰه! خوش نصيب اسلامي ڀائر ۽ ڀيا عاشقانِ رسول هڪ تعداد ۾ **پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش** جي مقدس جذبي سان سرشار ٿي قافلن ۾ سفر ڪندا رهندا آهن- هُونئن ته هي ڏاڍو مشڪل ڪم آهي پر ياد رکو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ان جي رستي ۾ تڪليفون برداشت ڪرڻ نبين جي سنت آهي ۞ انبياءِ ڪِرام ۞ صحابہِ ڪِرام ۞ ۽ نيڪ ماڻهو، نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي گهرن مان نڪري ۞ ڏورانهن علائقن ۾ ويندا هئا ۞ هجرت ڪندا هئا ۽ ۞ تڪليفون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا ۞ اڳين جي قربانين سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي.

توهان به قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون ۞ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ۞ سنتون سيکاريون وينديون آهن ۞ تَهَجُّد پڙهڻ جي سعادت ملندي آهي ۞ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ ۽ مشڪلاتون دور ٿيڻ ۽ بيمارين کان شفا حاصل ٿيڻ جا به سوين واقعا آهن ۞ ايئن به ٿيو آهي جو قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي جي لاءِ پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائي، خواب ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ شرڪاءِ قافله کي پنهنجي ديدار جو جام پياريو- الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي-

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَ اٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيار اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. ۞ ھر ڇنڇر تي اميرِ اھلسنت دَامَت بَرَکَاتھمُ العَالِیہ مدني چينل تي **لائيو ھفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آھن، اينڊڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8** وڳي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ھفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنھن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اھلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَت بَرَکَاتھمُ العَالِیہ سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا- سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول ھن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ رمضان ڪريم ھڪ مقدس مھينو آھي، جنھن ۾ مسلمان روزا رکي الله پاڪ جي حڪم کي بجا آڻيندا ۽ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آھن. ھن مھيني جي فضائل، اعمال ۽ روزي جي مسئلن کي اميرِ اھلسنت دَامَت بَرَکَاتھمُ العَالِیہ تمام آسان انداز ۾ تحرير فرمايو آھي. ڪتاب جو نالو آھي: **فيضانِ رمضان**. اميرِ اھلسنت دَامَت بَرَکَاتھمُ العَالِیہ ماہِ رمضان جي اچڻ کان پھريان ھن ڪتاب کي پڙھڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آھن. پاڻ بہ مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏيو. ھي ڪتاب 1000 روپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنھن بہ شاخ تان قيمتاً حاصل ڪري سگھجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانھن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رھيو آھيان. تاجدارِ رسالت. شھنشاھِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ (يعني جنھن منھنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنت ۾ مون سان گڏ ھوندو). (1)

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

[1]… تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# دعا ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَلدُّعَاءُ سِلَاحُ الْمُؤْمِنِ يعني دعا مؤمن جو هٿيار آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! دعا گهرڻ سُنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، ٻنهي جهانن جا داتا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان دعائون گهرندا هئا ۞ ڪجهه مُحَدِثين سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دعائن بابت مڪمل ڪتاب به لکيا آهن، مثلاً ڪاڏو ڪائڻ جي دعا، پاڻي پيئڻ جي دعا، سمهڻ وقت پڙهڻ واري دعا، ننڊ مان اٿڻ وقت پڙهڻ واري دعا، کير پيئڻ جي دعا، ڪپڙا پائڻ جي دعا- مطلب ته اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزمره جا ڪم ڪرڻ کان پهريان به دعائون پڙهندا هئا ۞ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيءَ دعا ڪثرت سان گهرندا هئا: (2)

| | |
|---|---|
| رَبَّنَآ اٰتِنَا فِی الدُّنۡیَا حَسَنَةً وَّ فِی الۡاٰخِرَةِ حَسَنَةً (پارو: 2،سورة بقرة: 201) | ترجموڪنزالعرفان: اي اسان جا رب! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي عطا ڪر ۽ اسان کي آخرت ۾ (به) ڀلائي عطا فرماءِ. |

سُنّت مصطفيٰ ادا ڪرڻ جي لاءِ اسان کي به ڪثرت سان دُعا گهرڻ جي عادت بڻائڻ گهرجي،

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولاناالياس قادري** دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

---

[1]... مسند ابی یعلی، جلد:2، صفحہ:123، حدیث:1812۔

[2]... بخاری، کتاب:الدعوات، صفحہ:1574، حدیث:6389۔

| | |
|---|---|
| علم حاصل کر، جَہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو |
| سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد